هفتيوار رسالو

امير اهلسنت جو تقريباً 22 سال پهريان جو بيان

# دلجوئي جون فضيلتون



خوشيءَ جو فرشتو

دلجوئي جي هڪ آسان صورت

دلجوئي جون مختلف صورتون

20 سال تائين نابينا رهيا

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: دلجوئي ڪرڻ جون فضيلتون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محـمـد اليـاس عطـار قـادري

## امير اهل سُنت

جي سنتين ڀـري اجـتـمـاع جو بيـان

# دلجوئي ڪرڻ جون فضيلتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


دعاءِ عطار ........ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
پيرسن عورت کي ديدار نصيب ٿي ويو ........ 2
اخلاقِ نبوي جي هڪ جھلڪ ........ 3
ڪنڌ اورانگھڻ ........ 4
نيڪين جي ضمن ۾ گناهن جو ارتڪاب ........ 5
ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪيستائين ڪئي ويندي؟ ........ 6
واڳ (لغام) ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي ........ 6
دل خوش ڪرڻ عظيمُ الشّان سنت آهي ........ 8
سِرڪڻ جا ٻه فائدا ........ 9
مبلغ جي اعلان ڪرڻ تي ٿورو سِرڪي ويندا ڪريو ........ 10
خوشي جو فرشتو ........ 11
قولِ ثابت مان مراد ........ 12
دل خوش ڪرڻ جي هڪ آسان صورت ........ 13
ٻارن جي ٻه دل خوش ڪريو ........ 14
ٻارن کي ڪجھ نہ ڪجھ شعور هوندو آهي ........ 15
اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ٻارن سان محبت ........ 17
اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ جي دلداري جو انداز ........ 17
مسلمان جي دلجوئي ........ 19
دلجوئي جون مختلف صورتون ........ 20
مدني مذاڪري جي مدني بهار ........ 21
20 سالن تائين نابينا رهيو ........ 22
محمود و ايازءِ ونگي جي ڦار ........ 23
پلائي سان ڳالهائڻ سبب بخشش ........ 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# دلجوئي ڪرڻ جون فضيلتون (1)

**دعاءِ عطار:** ياربّ ڪريم! جيڪو بہ هي رسالو ”دلجوئي ڪرڻ جون فضيلتون“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي مسلمانن جي دلين ۾ خوشيون داخل ڪرڻ وارو بڻائي ڪيس ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت جنتُ الفردوس ۾ بغير حساب جي داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، اللّٰه پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي، ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد، 253/10، حديث:17298)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... هي بيان شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، دعوتِ اسلامي جي باني حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رَضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه 22 رمضانُ المبارڪ 1424ھ بمطابق 17 نومبر 2003ع تي دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ فرمايو هو، جنهن کي المدينۃُ العلميہ جي شعبي ”بياناتِ اميرِ اهلِ سنت“ ترتيب ڏنو آهي.

## پيرسن عورت کي ديدار نصيب ٿي ويو

هڪ ڀيرو مديني پاڪ ۾ 1405ھ جي حاضري دوران، منهنجي (يعني اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي) هڪ پير ڀاءُ مرحوم حاجي اسماعيل مون کي هي واقعو ٻڌايو تہ ہہ يا ٽي سال پهريان، تقريبن 85 سالن جي هڪ حاجياڻي سونهري ڄارين جي سامهون سلام عرض ڪرڻ لاءِ حاضر ٿي ۽ پنهنجن ٽٽل ڦٽل لفظن ۾ صلوٰة و سلام عرض ڪرڻ شروع ڪيو. اوچتو هڪ خاتون ڪتاب مان ڏسي تمام سهڻن لفظن سان صلوٰة و سلام جو نذرانو پيش ڪري رهي هئي، اهو ڏسي ويچاري اڻ پڙهيل پيرسن عورت مايوس ٿي وئي. هن بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان تہ پڙهيل لکيل نہ آهيان جو سٺن لفظن سان سلام عرض ڪري سگهان، مون اڻ پڙهيل جو سلام اوهان کي ڪٿي پسند ايندو! ان پيرسن عورت جي دل ڀرجي آئي ۽ هوءَ روئي روئي خاموش ٿي وئي. رات جو جڏهن سُتي تہ سُتل قسمت جاڳي پئي! ڇا ٿي ڏسي تہ سيراندي ڪان امت جا والي، سرڪارِ عالي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن، مبارڪ چپن تي چرپُر ٿي، رحمت جا گل ٽِڙڻ لڳا، لفظ ڪجهہ هن طرح هئا: تون مايوس ڇو پئي ٿئين؟ ٻڌي ڇڏ! اسان سڀ ڪان پهريان تنهنجو سلام قبول فرمايو.

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! پيارا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن غلامن جي دلجوئي جو ڪيترو خيال فرمائيندا آهن تہ جيئن ڪنهن بہ طرح منهنجي غلام جي دل نہ ٽُٽي.

تم اُس کے مدد گار ہو تم اُس کے طرفدار
جو تم کو نکمّے سے نکمّا نظر آئے

پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم شان تان قربان! ٽُٽل دليون اوھان جي بارگاھ ۾ مقبول آھن ۽ اوھان ٽٽل دلين جي دلداري فرمائيندا آھيو. منھنجي آقا اعليٰ حضرت رحمة الله علىه بلڪل سچ فرمايو آھي:

سنتے ہیں کہ محشر میں صرف اُن کی رَسائی ہے
گر اُن کی رَسائی ہے لو جب تو بن آئی ہے

یُوں تو سب اُنہیں کا ہے پَر دل کی اگر پوچھو
یہ ٹوٹے ہوئے دِل ہی خاص اُن کی کمائی ہے

مطلَع میں یہ شک کیا تھا وَاللہ رضاؔ وَاللہ
صرف اُن کی رَسائی ہے صرف اُن کی رَسائی ہے

## اخلاقِ نبوي جي هڪ جھلڪ

پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشه پنهنجن غلامن جي دل کي خوش رکندا ھئا ۽ ڪڏھن بہ ڪنھن جي دل نہ ٽوڙيندا ھئا، جيئن تہ حضرت سيدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي تقريبن ڏھن سالن تائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ رھيا، فرمائن ٿا: مان ڏھ سال خدمتِ اقدس ۾ رھيس پر ڪڏھن بہ منھنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اھو نہ فرمايو تہ ھي ڪم تو ڇو ڪيو؟ ۽ ھي ڪم ڇو نہ ڪيو؟
(ابو داود، 324/4،حديث:4774ملتقطاً)

سرورِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڳالھ جو تمام گھڻو خيال رکندا ھئا تہ ڪنھن جي دل نہ ٽٽي. افسوس! اھي ڪيترا نہ خراب ۽ ناپسنديده ماڻھو آھن جيڪي بنا ڪنھن سبب جي ٻين جي

دل ٽوڙيندا رهندا آهن، ڪنهن کي گهوري، ڪنهن کي دَڙڪا ڏئي ۽ ڪنهن کي ڌڪو ڏئي ان جي دل ڏکائيندا آهن.

## ڪنڌ اورانگهڻ

ڪجهه ماڻهو ان طرح به ٻين جي دل ڏکائيندا آهن ته دير سان اچڻ جي باوجود مسجد جي پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ لاءِ پويون صفون اورانگهيندي ۽ ٻين کي ڌڪا ڏيندي اتي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، نه ڄاڻ ڪيترن جون دليون ٽوڙيندا آهن، ڪيترن کي ڌڪا ڏيندا آهن ۽ ڪيترن کي معاذالله نونڌ ۽ لت هنئي حالانڪه ائين ڪرڻ کان واضح طور منع ڪيو ويو آهي.

جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن جمعي جي ڏينهن ماڻهن جا ڪنڌ اورانگهيا، ان جهنم ڏانهن پل ٺاهيو. (ترمذي، 48/2، حديث: 513) ان جي هڪ معنيٰ هيءَ به آهي ته ان جي مٿان چڙهي چڙهي ماڻهو جهنم ۾ داخل ٿيندا.[1]

سوچيو ته سهي جيڪڏهن ياڄ پوي ۽ ان ميڙ ۾ ڪو ڪِري پوي ۽ ان کي ماڻهو لتاڙين، ڪو بوٽ وارو، ڪو چپل وارو پَٻجي رهيو هجي ۽ ڪو لت ته ڪو مڪ هڻي رهيو هجي ۽ هو لتاڙبو رهي، ان طرح ته

1...”حديثِ پاڪ ۾ لفظ اِتَّخَذَ جِسْرًا واقع ٿيو آهي، جنهن کي معروف ۽ مجهول ٻنهي صورتن ۾ پڙهيو ويندو آهي. هي ترجمو معروف جو آهي، پر جيڪڏهن مجهول پڙهجي ته ان جو مطلب هي ٿيندو ته ڪيس **”پاڻ پُل ٺاهيو ويندو.“** يعني جنهن طريقي سان هن (دنيا ۾) ماڻهن جا ڪنڌ اورانگهيا هئا، قيامت جي ڏينهن ڪيس جهنم ڏانهن وڃڻ جو پُل ٺاهيو ويندو ته جيئن ماڻهو ان جي مٿان چڙهي گذرن. (حاشيه بهار شريعت،761/1،حصہ: 4)

منهنجي خيال ۾ ان جو قيمو ٻڻجي ويندو، هي ڪيترو سخت معاملو آهي ان ڪري ماڻهن جي دلين جو تمام گهڻو خيال رکڻو آهي.

## نيڪين جي ضمن ۾ گناهن جو ارتڪاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ ڪم ڪندي ماڻهن جي دل آزاري کان بچڻ تمام ضروري آهي. ڪيتريون ئي نيڪيون اهڙيون هونديون آهن جو ڀانهو سوچيندو آهي ته مان اهي ڪري ونان پر انهن نيڪين جي ضمن ۾ هو ڪيترن ئي ماڻهن جون دليون ٽوڙي گناهگار ٿي ويندو آهي، شيطان اهڙي شخص تي ڪلندو آهي ڇو ته نيڪين جي آڙ ۾ ٻين جي دل آزاري ڪندڙ بيوقوف انسان سمجهندو آهي ته مان اللّٰه پاڪ کي خوش ڪري رهيو آهيان، حالانڪ هو اللّٰه پاڪ کي سخت ناراض ڪري ٻنهي هٿن سان پنهنجي لاءِ جهنم جا ٽانڊا ميڙي رهيو هوندو آهي.

ان کي هن مثال سان سمجهو ته نعت خواني ۾ حاضر ٿيڻ ثواب جو ڪم آهي، پر جيڪڏهن ڪو رات جو 2 وڳي تائين نعت خواني ۾ شريڪ رهي ۽ گهر ۾ ماءُ ناراض ٿي انتظار ڪري رهي هجي ته خبر ناهي ڪڏهن منهنجو پٽ گهر ايندو؟ ۽ پوءِ انهي ئي فڪر ۾ هن پيءُ کي به سمهڻ نه ڏنو هجي، حالانڪ کين صبح جو نوڪري تي وڃڻو هجي. هاڻي جيڪڏهن ڪو هن طرح جي نعت خواني جي محفلن ۾ شرڪت ڪري سمجهي ته مان وڏي اعليٰ درجي جي عبادت ڪري رهيو آهيان، ته هي ان جي تمام وڏي ڀُلَ آهي. اهڙو شخص ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ سبب گناهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار هوندو. ياد رکو!

نعت خواني جيتوڻيڪ نيڪ ڪم آهي پر اهو هڪ مستحب ڪم آهي جڏهن تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت فرض آهي.

## ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪيستائين ڪئي ويندي؟

اي عاشقانِ رسول! ماءُ پيءُ جي اطاعت ان وقت تائين ڪرڻي آهي جڏهن تہ هو معصيت يعني اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني جو حڪم نہ ڏين. جيڪڏهن ماءُ پيءُ نماز پڙهڻ کان روڪين تہ هاڻي سندن ڳالهہ نہ مڃي ويندي، ڇوتہ نماز نہ پڙهڻ جي صورت ۾ اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ٿيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن والدين بغير شرعي اجازت جي مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ کان منع ڪن ۽ گهر ۾ نماز پڙهڻ جو چون تہ ان صورت ۾ بہ سندن ڳالهہ نہ مڃبي، ها جيڪڏهن روڪڻ جي ڪا شرعي وجهہ هجي مثلاً ماءُ بيمار آهي ان کي سنڀالڻ وارو ڪو ناهي تہ اهڙي صورت ۾ گهر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت آهي. هي اصول ذهن ۾ رکي ڇڏيو تہ ڪو بہ اهڙو نفلي ڪم نہ ڪرڻ گهرجي جنهن جي ڪري ماءُ پيءُ جي نافرماني ٿئي، مثلاً جيڪڏهن ماءُ پيءُ نفلي حج ڪرڻ کان منع ڪن تہ نہ وڃي سگهون، جيڪڏهن ويندا سين تہ گناهگار ٿيندا سين ڇو تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت فرض آهي.

## واڳ (لغام) ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان کي هن مٽي ماءُ (يعني زمين) تي سنڀالي قدم رکڻ گهرجي. اسان هن زمين تي اچي وياسين تہ ڄڻ اسان پاڻ کي تمام وڏي امتحان لاءِ پيش ڪري ڇڏيو، ائين ناهي تہ هاڻي اسان جي مرضي هلندي، اسان هرگز پنهنجي مرضي جا مالڪ ناهيون بلڪ

اسان جي واڳ (لغام) ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي. ان کي ائين سمجهو ته جيڪڏهن ڪنهن ڪٿي روزاني اٺ ڪلاڪ نوڪري اختيار ڪئي ته هاڻي انهن ڪلاڪن لاءِ ان جي واڳ ان جي سيٺ جي هٿ ۾ آهي، هو جنهن طرف چاهي موڙي ڇڏي. جيڪڏهن هو پنهنجي ملازم کي پئسا ڳڻڻ جو حڪم ڏئي ته کيس اهو ڪم ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن چانهه آڻڻ جو چوي ته ملازم کي ”جي حضور“ چئي چانهه وٺڻ وڃڻو پوندو.

ياد رکو! ٻانهو پابند آهي، ان تي لغام پيل آهي ۽ ان جي ڏور ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي، خدا جو قسم! جڏهن ٻه ڏور ڇڪبي ته ٻانهو بلڪل بي جان ٿي ڪِري پوندو. ٻانهو چاهي ته گهڻو ڪجهه ٿو ته هي به ڪري وٺان ۽ هو به ڪري وٺان، وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏيڻ ۽ وڏا وڏا پلازا بنائڻ جو ان جي دل چاهيندي آهي، پر هر ٻانهو اهو سڀ نٿو ڪري سگهي ڇو ته ان جي واڳ ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي. هن دنيا ۾ ڪو به نٿو چاهي ته هو بيمار ٿئي پر بيمار ٿي ئي پوندو آهي، ڪو نٿو چاهي ته ان جي متي ۾ سور پوي پر متي ۾ سور ٿي ئي پوندو آهي ڇو ته واڳ ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي. ڏسو! ائين ته ٻانهو وڏيون ٻٽاڪون هڻندو آهي پر جيڪڏهن متي جو سور ٿي پوي ته ان جو علاج ان جي هٿ ۾ ناهي هوندو ۽ جيڪڏهن بخار ٿي پوي ته بستر تي اچي ويندو آهي ڇو ته واڳ ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي. ڪير چاهي ٿو ته هو پوڙهو ٿي وڃي؟ هرشخص اهو ئي چاهيندو آهي ته هو بلڪل جوان رهي، پر پوڙهائپ اچي ئي ويندي آهي ۽ پوءِ جڏهن پوڙهو شخص پوڙهائپ مان جهاتي پائي پنهنجي جواني کي ڏسندو

آهي ته حسرت سان آهون ڀريندو آهي. بيشڪ ڪنهن وٽ اربين ڪربين روپيا هجن، هو پئسن سان صرف دوا خريد ڪري سگهي ٿو شفا نه. اهڙي طرح پئسن ذريعي نه ته ٻوڙهائپ کي ٽاري سگهجي ٿو ۽ نه ئي جواني خريد ڪري سگهجي ٿي. اربين ڪربين روپيا ڏئي به جواني جو هڪ ڏينهن بلڪ هڪ ڪلاڪ به نٿو خريد ڪري سگهجي، جڏهن ٻانهو ايترو بي وس آهي ته پوءِ ڇو نه الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جهڪيل رهي، ان جي نافرماني کان بچي ۽ ان جو ئي ٿي رهي جنهن جي هٿ ۾ سڀ ڪجهه آهي ۽ قيامت جي ڏينهن سڀني کي ان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻو آهي.

## دل خوش ڪرڻ عظيمُ الشّان سنت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ دلجوئي جي باري ۾ ٻڌو ته دل خوش ڪرڻ ايتري اهم آهي جو پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ڪنهن جي دل نه ڏکائي. اهو ٻانهو ڪيترو خراب آهي جيڪو پنهنجي نفس جي ڪري اجايو ماڻهن جون دليون ڏکائيندو آهي، ڪنهن جو مذاق اڏائي ٿو ته ڪنهن تي طنز ڪري ٿو، ڪنهن کي ٺوڪي ٿو ته ڪنهن کي ڊيڄاري ڌمڪائي ٿو، ڪنهن کي تشويش ۾ وجهي ٿو ته ڪنهن کي غلط خبر ڏئي خوفزده ڪري ٿو، مطلب ته طرح طرح سان دل ڏکائي ٿو.

مسلمان جي دلداري اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظيم الشان سنت آهي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دلجوئي جا بيشمار عملي نمونا پيش ڪيا، جن مان هڪ هي به آهي ته جڏهن ڪو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ حاضر ٿيندو هو ته پاڻ ان لاءِ سِرڪي ويندا

هئا. (شعب الايمان، 468/6، حديث: 8933). ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ صحابہءِ ڪرام رضي اللّٰہ عنهم کي فرمائيندا هئا: پنهنجي ڀاءُ لاءِ سِرڪي وڃو. (مسلم، ص923، حديث: 5684 ماخوذاً). سِرڪڻ جي حقيقي حڪمت ڪهڙي آهي؟ اللّٰہ پاڪ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا، پر هڪ حڪمت هيءَ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ ائين ڪرڻ سان اچڻ واري مسلمان ڀاءُ لاءِ جڳهہ ڪشاده ٿي ويندي ۽ هو آرام سان ويهي سگهندو، گڏوگڏ ان ۾ مسلمان جي دلداري بہ آهي. ٿورو غور ڪريو! جنهن خوش نصيب لاءِ پاڻ پيارا آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سِرڪندا هوندا ان جي دل ڪيتري خوش ٿيندي هوندي! باغ باغ بلڪ باغِ مدينہ بڻجي ويندي هوندي ۽ هو سوچيندو هوندو تہ سرڪار صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ايتري اهميت ڏني آهي.

ڏسو! ڪنهن ايندڙ لاءِ ٿورو سِرڪي وڃڻ اهڙي نيڪي آهي جنهن ۾ ڪجهہ خرچ ناهي ٿيندو پر اسان وٽ هيءَ سنت تقريبن ختم ٿي چڪي آهي بلڪ اسان جي حالت تہ هيءَ آهي جو ڪنهن کي ايندو ڏسي ان خوف کان وڌيڪ پکڙجي ويهندا آهيون تہ ان جي ويهڻ سان ڪٿي جڳهہ سوڙهي نہ ٿي وڃي. ائين اسان سِرڪڻ بدران ان لاءِ وڌيڪ جڳهہ سوڙهي ڪري ڇڏيندا آهيون، حالانڪ حديثِ پاڪ ۾ "مومن لاءِ نرم ٿي وڃڻ" جي ترغيب ڏياري وئي آهي. (مسلم، ص1072، حديث: 6601 ماخوذاً) پر اسان سخت ٿي ويندا آهيون.

## سِرڪڻ جا ٻہ فائدا

اسلامي ڀائرن مون کي (يعني اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ کي) ڪيئي ڀيرا ڏنو هوندو تہ فيضانِ سنت جي درس دوران جڏهن مبلغ

اعلان ڪندو آهي تہ ”ويجهو ويجهو ايندا“ تہ مان ٿورو سِرڪي ويندو آهيان، ايستائين جو جيڪڏهن هو ٿي پيرا اعلان ڪندو آهي تہ اَلحَمْدُلله! مان ٿي پيرا سِرڪندو آهيان. سِرڪڻ سان بہ فائدا ٿيندا آهن (1) مبلغ جي حوصلہ افزائي (2) ڪيترائي اسلامي ڀائر مون کي سِرڪندي ڏسي مرڪندا ۽ خوش ٿيندا آهن، تہ ائين سيني جي دلين ۾ خوشي داخل ٿيندي آهي جنهن جو مون کي اِنْ شَآءَ الله ثواب بہ ملندو.

## مبلغ جي اعلان ڪرڻ تي ٿورو سِرڪي ويندا ڪريو

اي عاشقانِ رسول! جڏهن درس ۽ بيان کان اڳ مبلغ اعلان ڪري تہ ”ويجهو ويجهو تشريف آڻيو“ تہ ٿورو اڳتي سِرڪي وڃو، ان سان مبلغ جو سينو خوشي سان مدينو بڻجي ويندو ۽ هو سمجهندو تہ ماڻهو منهنجي ڳالهين کي اهميت ڏئي رهيا آهن. ياد رهي! دينِ اسلام ۾ مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي، ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو مال جي ذريعي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي دل خوش نٿو ڪري سگهي تہ ان کي حڪم ڏنو ويو تہ مرڪندڙ چهري ۽ حسنِ اخلاق ذريعي ان جي دل خوش ڪري. جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: مسلمان جي سامهون مرڪڻ بہ صدقو آهي. (ترمذي، 384/3، حديث: 1963) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: توهان پنهنجي مال ذريعي ماڻهن کي خوش نٿا ڪري سگهو، ان ڪري مرڪندي ۽ حسنِ اخلاق ذريعي کين خوش رکندا ڪريو. (شعب الايمان، 253/6، حديث: 8054)

# خوشي جو فرشتو

مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جو ڇا چوڻ! جيئن تہ حضرت علامہ جلالُ الّدين سُيوطي شافعي رَحۡمَۃُاللہِعَلَيۡہ نقل فرمائن ٿا: جڏهن ڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي تہ اللّٰہ پاڪ ان خوشي مان هڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آهي، جيڪو اللّٰہ پاڪ جي عبادت ۽ توحيد بيان ڪندو آهي ۽ پوءِ جڏهن ٻانهو مري ويندو آهي تہ هي خوشيءَ جو فرشتو ان جي قبر ۾ اچي پُڇندو آهي: ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ ٻانهو چوندو آهي: توهان ڪير آهيو؟ تہ خوشيءَ جو فرشتو جواب ڏيندو آهي، مان ان خوشي جي صورت آهيان جيڪا تو فلاڻي مومن کي عطا ڪئي هئي، هاڻي مان وحشت (يعني قبر جي گھبراهٽ) ۾ توکي راحت پهچائيندس، توکي تنهنجي حُجَّت (يعني منڪر نڪير جي سوالن جا جواب) ٻڌائيندس، قولِ ثابت (يعني حق ڳالهہ) سان توکي ثابت قدمي عطا ڪندس، قيامت جي ڏينهن تنهنجي پاسي اچي تنهنجي شفاعت ڪندُس ۽ جنت ۾ توکي تنهنجو مقام ڏيکاريندس. (شرح الصدور،ص 159)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ ڪيتري وڏي اجر جو باعث آهي، ان ڪري درس و بيان ڪندڙ مبلغ بہ وڏو خوش نصيب آهي جو نہ ڄاڻ ڪيترين خوشيءَ جون ڳالهيون ٻڌائي مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي، ڪيترو ثواب ڪمائيندو آهي ۽ ڪيترا خوشي جا فرشتا ان لاءِ پيدا ڪيا ويندا هوندا. انفرادي ڪوشش ڪرڻ وارو تہ وڏي ڪمال جو ماڻهو آهي جو هو ماڻهن سان مرڪي ملندو آهي ۽ انهن جي دلين ۾ خوشي

داخل ڪندو آهي. ياد رکو! جيڪو اسلامي ڀاءُ ملنسار هوندو آهي اهو وقت بوقت ماڻهن جي دلداري ڪندو رهندو آهي، ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهن کان منهن ڦيري ملندو آهي ۽ ڪيترن ئي مسلمانن کي لفٽ ناهي ڪرائيندو، هو ڪيترن ئي ثوابن کان محروم رهجي ويندو آهي.

## قولِ ثابت مان مراد

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي روايت ۾ فرمايو ويو تہ خوشي مان پيدا ٿيندڙ فرشتو جڏهن قبر ۾ ايندو تہ چوندو: ”قولِ ثابت سان توکي ثابت قدمي عطا ڪندس.“ ياد رهي تہ ”قولِ ثابت“ مان مراد حق ڳالهہ (يعني ايمان جو ڪلمو) آهي جنهن تي اهلِ ايمان کي الله پاڪ جي رحمت سان ثابت قدمي نصيب ٿيندي آهي، جيئن تہ سيپاري 13 سورة ابراهيم جي آيت نمبر 27 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِالۡقَوۡلِ الثَّابِتِ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَفِى الۡاٰخِرَةِ ۚ

ترجمو ڪنزُالعرفان: الله ايمان وارن کي حق ڳالهہ تي دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت ۾ ثابت رکندو.

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! مومن جو هيءُ شان آهي تہ چاهي کهڙيون بہ مصيبتون اچي وڃن هو صابر ئي رهندو آهي ۽ چاهي ڪجهہ بہ ٿي پوي دينِ اسلام جو دامن ناهي ڇڏيندو ايستائين جو ان جي زندگي جو خاتمو ٿي ويندو آهي، پوءِ هو آخرت جي منزلن مان پهرين منزل (يعني قبر) ۾ پهچي الله پاڪ جي فضل سان منڪر نڪير جي سوالن وقت ثابت قدم

رهندو (يعني درست جواب ڏيندو) آهي، پوءِ ان جي قبر وسيع ڪئي ويندي آهي ۽ ان ۾ جنت جون هوائون ۽ خوشبوئون اينديون آهن، قبر تان اونداهي دور ٿي ويندي آهي ۽ هوءَ نور ئي نور ٿي ويندي آهي، آسمان مان ندا ايندي آهي: منهنجي ٻانهي سچ چيو. الله پاڪ اسان سيني کي "قولِ ثابت" تي ثابت قدم رکي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وَسَلَّم

## دل خوش ڪرڻ جي هڪ آسان صورت

اي عاشقانِ رسول! اسان جي زندگي ۾ دل خوش ڪرڻ جا ڪيترائي اهڙا موقعا ايندا آهن جن ۾ رپيو بہ خرچ ڪرڻو ناهي پوندو ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ نہ ئي ڪا تڪليف ڪٽڻي پوندي آهي. مثلاً ڪنهن اوهان کان پڇيو: "مون کي فلاڻي جاءِ تي وڃڻو آهي ايڊريس سمجهائيندا." هاڻي جيڪڏهن اوهان مرڪي ان کي ايڊريس سمجهائي ڇڏي يا ان سان بہ قدم هلي گهربل گهٽي ٻڌائي ڇڏي تہ هي بہ مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جي هڪ صورت ۽ ثواب جو ڪم آهي. اهڙي طرح ڪو ويچارو وزني سامان ڪٽي مٿي يا ڪلهي تي رکڻ چاهيندو هجي پر رکي نہ سگهندو هجي تہ ڪٽي ان جي مٿي تي رکرائي ڇڏيو بلڪ ٿي سگهي تہ پنهنجي ڪلهي تي ڪٽي گهربل مقام تائين پهچائي ڇڏيو.

جيڪڏهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀائر ائين ڪندا تہ ان جا ڪيترائي فائدا حاصل ٿيندا. مثلاً جنهن جو بار کنيو ويندو ان جي دل مان دعائون نڪرنديون ۽ هو ماڻهن کي

ٻڌائيندو تہ دعوتِ اسلامي وارا تمام سنا هوندا آهن ۽ پوءِ انهن کي پنهنجو واقعو ٻڌائيندو تہ هڪ ڀيرو مان پنهنجو وزني سامان نہ پئي کڻي سگهيس تہ هڪ دعوتِ اسلامي واري منهنجو وزني سامان پنهنجي ڪلهي تي کڻي منهنجي گهر تائين پهچايو. ماشاءَالله دعوتِ اسلامي وارا تمام گهڻي دلجوئي ۽ غمخواري ڪرڻ وارا آهن. ائين جنهن جو بار کنيو شايد هو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃي ۽ هن ننڍڙي دلداري سبب ان جا نسلَ سڌري وڃن.

ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي سامان کڻي مٿي يا ڪلهي تي رکرائڻ جي گذارش ڪري ۽ هو ان کي لفٽ نہ ڪرائي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ائين ڪرڻ سان هو بدظن ٿي وڃي ۽ پنهنجي ٻارن کي چوي: ”ڏسو پٽ! دعوتِ اسلامي وارن وٽ نہ وڃجو هي سنا ماڻهو ناهن هوندا، هڪ ڀيرو منهنجي طبيعت خراب هئي ۽ مان پنهنجو سامان کڻي نہ پئي سگهيس تہ مون هڪ دعوتِ اسلامي واري کي مدد لاءِ سڏ ڪيو تہ هو سياڻو بڻجي ويو ۽ ڄاڻي واڻي پاڻ کي ائين ظاهر ڪيائين ڄڻ هن منهنجو آواز ٻڌو ئي نہ، هي وڏا سخت ۽ ظالم ماڻهو هوندا آهن وغيره وغيره.“ ڏسو! ٿوري بي احتياطي سبب سامهون وارو معاذالله! بدگماني وغيره جهڙن ڪيترن ئي گناهن ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

## ٻارن جي بہ دل خوش ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دلجوئي جو معاملو صرف وڏن سان ئي خاص ناهي پر ٻارن سان بہ هجڻ گهرجي ۽ جتي ٿي سگهي سيني

ٻارن سان ھڪجھڙو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي، پر اسان جي اڪثريت ھن معاملي ۾ غير محتاط آھي، اھو ائين تہ اسان ڪنھن ٻار سان وڌيڪ پيار ڪندا آھيون ۽ ڪنھن سان گھٽ، جنھن ڪري ٻارن ۾ احساسِ محرومي پيدا ٿيندو آھي. ڏسو! عام طور تي ننڍڙو ٻار والدين کي وڌيڪ عزيز ھوندو آھي، مثلاً جيڪڏھن ھڪ ٻار ٽن سالن جو آھي ۽ ٻيو ڏيڍ سال جو، تہ جيڪو ڏيڍ سال جو آھي ان تي ماءُ پيءُ کي وڌيڪ پيار ايندو، پر جيڪڏھن ماءُ پيءُ صرف ان کي ئي چمندا، پرچائيندا ۽ رانديڪا آڻي ڏيندا رھيا تہ ٽن سالن وارو ٻار بظاھر ماءُ پيءُ کي ڪجھ نہ چوندو پر غير محسوس طريقي سان ان جي دل ۾ ماءُ پيءُ لاءِ نفرت ويھندي ويندي. پوءِ جڏھن پوڙھائپ ۾ ماءُ پيءُ کي ان جي ضرورت پوندي تہ ھو ان ڳالھ جو اظھار بہ ڪري سگھي ٿو، ٿي سگھي ٿو ان وقت تائين ڏيڍ سال وارو ٻار دنيا مان رخصت ٿي وڃي يا ھو ان ڪري باغي بڻجي وڃي تہ جڏھن ٽيون ٻار پيدا ٿيو ھو تہ ماءُ پيءُ ھن کي بہ نظرانداز ڪري ڇڏيو ھو ۽ سڄي توجھ ٽئين ٻار تي رکي ھئي، پوءِ جڏھن چوٿون ٻار پيدا ٿيو ھو تہ ماءُ پيءُ ٽئين ٻار کي بہ نظرانداز ڪري ڇڏيو ھو ۽ سڄي توجھ چوٿين ٻار تي ڪئي ھئي. تہ ائين ھڪ ھڪ ڪري سڀ ٻار ماءُ پيءُ کان بدظن ٿيندا ويندا ۽ پوڙھائپ ۾ تمام مھانگا پوندا، ويچارا ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪري پنھنجي آخرت خراب ڪندا پر ھي سڀ ڪجھ ماءُ پيءُ جي ڪافي عرصو پھريان ڪيل ناداني جي ڪري ھوندو.

## ٻارن کي ڪجھ نہ ڪجھ شعور ھوندو آھي

ياد رکو! ٻار نظر اچڻ ۾ جيتوڻيڪ ننڍا ھوندا آھن پر انھن کي

ڪجهہ نہ ڪجهہ شعور ضرور هوندو آهي، تڏهن ئي تہ ماءُ پيءُ کي سجاڻندا آهن ۽ انهن ڏانهن ڀڄي ايندا آهن. جيڪڏهن انهن کي شعور نہ هجي ها تہ هو ماءُ پيءُ ڏانهن ڀڄي چو اچن ها ۽ ٻين جي سڏڻ تي انهن کان خوف ڇو ڪن ها؟ جيڪڏهن بلڪل ننڍي ۽ ناسمجهہ ٻار کي پيءُ کان سواءِ ڪو ٻيو ماڻهو کڻي تہ هو روئندو، پيءُ ڏانهن ڏسي هٿ لوڏيندو ۽ پنهنجي ٻاتي ٻولي ۾ روئي روئي لڙڪن جي زباني فرياد ڪندو آهي تہ بابا! مون کي توهان کڻو!

خبر پئي تہ ٻار ۾ ٿوري گهڻي سمجهہ ضرور هوندي آهي جنهن ذريعي هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي روپي کي نوٽ ڪندو آهي، پر ويچارو بي وس ۽ لاچار هئڻ سبب نہ ڪجهہ ڳالهائي سگهندو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن سان فرياد ڪري سگهندو آهي پر جڏهن هو وڏو ٿيندو تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي رويي بابت ٻين کي ضرور ٻڌائيندو.

مون (يعني اميرِ اهلِ سنت) سان ملاقات دوران ڪيترائي ماڻهو ان ڳالهہ جو اظهار ڪندا آهن تہ اسان کي ننڍپڻ ۾ نہ ماءُ جو پيار مليو ۽ نہ پيءُ جو. جيئن تہ دعوتِ اسلامي هڪ عوامي تحريڪ آهي ۽ ان جو عوام سان واسطو آهي ان ڪري مبلغين کي وقت بوقت اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ايندڍيون رهنديون آهن. جيتوڻيڪ هر طرح جا ماڻهو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ آهن پر عام طور تي معاشري جا ستايل ۽ دلي طور ٽٽل ماڻهو ان ڏانهن وڌيڪ ايندا آهن جڏهن تہ خوشحال ۽ عيش و عشرت ۾ پليل تمام گهٽ رخ ڪندا آهن. گهڻي قدر غريب طبقو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ڏانهن

رجوع ڪندو آهي جيتوڻيڪ امير ماڻهو بہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ آهن ۽ الحمدلله انهن ڏاڙهي سجائي، وار رکيا، عمامو شريف سجايو ۽ سنتن پرين اجتماعن ۽ قافلن ۾ شرڪت جو سلسلو جاري رکيو هوندو آهي پر غريبن جي مقابلي ۾ اهڙن جو تعداد تمام گهٽ آهي، ائين سمجهو تہ جيڪڏهن هڪ مالدار دعوتِ اسلامي سان وابستہ آهي تہ ان جي مقابلي ۾ 50 بلڪ 75 غريب ماڻهو وابستہ هوندا، تہ ائين مالدارن جو تعداد تمام گهٽ آهي.

## اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ٻارن سان محبت

هي حقيقت آهي تہ ننڍڙو ٻار ماءُ پيءُ کي تمام گهڻو پيارو هوندو آهي ۽ دل چاهيندي آهي تہ ان کي پيار ڪجي، پر جڏهن مان (يعني اميرِ اهلِ سنت) پنهنجن ٻارن کي پيار ڪندو هئس تہ منهنجي اها ئي ڪوشش هوندي هئي تہ سيني کي پيار ڪريان چو تہ جيڪڏهن مان سيني ٻارن جي موجودگي ۾ صرف هڪ کي ئي پيار ڪريان ها تہ ممڪن هو تہ ٻين ٻارن جي دلين ۾ منهنجي محبت گهٽجي وڃي ها. هڪ ڪان وڏيڪ ٻارن کي پيار ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ مثلاً جيڪڏهن ٽي ٻار آهن ۽ اوهان انهن مان هڪ کي چمي رهيا آهيو تہ ٻئي کي سيني سان لڳايو ۽ ٽئين کي پڪڙي ٿورو لوڏيو. جيڪڏهن اوهان هن طرح ٻارن سان پيار ڪرڻ سگهي ويندا تہ اِنْ شَآءَ الله ڪو بہ ٻار وڏو ٿي باغي نہ بڻجندو.

## اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي دلداري جو انداز

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: دعوتِ اسلامي جي شروع

۾ جڏهن قافلي جي اصطلاح نہ هئي ۽ قافلي کي وفد چيو ويندو هو، ان دور ۾ گهڻو ڪري بيان مان پاڻ ڪندو هئس. جيتوڻيڪ ان وقت ”مدني مقصد“ لاءِ لفظ مخصوص نہ هئا پر منهنجي ذهن ۾ اهو ئي هوندو هو تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ الحمدللہ! مون شيطان ۽ نفسِ اماره جي خلاف جهاد جاري رکيو آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ يعني مجاهد اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کان جهاد ڪري. ( مسند امام احمد، 249/9،حديث :24013 ملتقطاً)

بهرحال موڪل کان هڪ ڏينهن پهريان مان (يعني اميرِ اهلِ سنت) هي اعلان ڪندو هئس تہ سڀاڻي موڪل آهي اسان ٻپهري جو ايتري وڳي گهر کان روانا ٿينداسين ۽ فلاڻي مسجد ۾ عصر، فلاڻي مسجد ۾ مغرب ۽ فلاڻي مسجد ۾ عشاء جو بيان ٿيندو، الحمدللہ! منهنجي اعلان ڪرڻ تي 80، 90 بلڪ 100 اسلامي ڀائر گڏ ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ مختلف مسجدن ۾ وڃي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا هئاسين. اللہ پاڪ جي فضل و ڪرم سان ان وقت بہ منهنجو مسلمانن جي دلداري جو ذهن هو، سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ لاءِ ڪيترائي نوان نوان ماڻهو ايندا هئا ۽ منهنجي ڪوشش هوندي هئي تہ جيڪو هڪ ڀيرو اچي ويو سو اچي ويو هاڻي ان کي ديني ماحول کان واپس نہ وڃڻ گهرجي. ان ئي مقصد تحت مان اسلامي ڀائرن کان حال احوال وٺندو هئس ۽ رستي تي هلندي پنهنجو هڪ هٿ ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي ڪلهي تي رکندو هئس ۽ ٻئي هٿ سان ڪنهن کي پڪڙيندو هئس ۽

ان دوران ٽئين اسلامي ڀاءُ سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪري ڏيندو هئس، ائين الحمدلله منهنجو شروع ڪان ئي مسلمانن جي دلداري جو ذهن آهي.

دلداري صرف خالي ڳالهيون ڪرڻ يا چاهڻ سان نه ٿيندي آهي، بلڪ جيستائين ان ڪم لاءِ پاڻ کي نه متائيندؤ، ان ڪم جا ٿي نه رهندؤ ۽ عملي طور ان کي سرانجام ڏيڻ جي پوري ڪوشش نه ڪندؤ تيستائين هي ڪم نه ٿيندو. جيڪڏهن اسان مسلمانن جي دلجوئي ڪرڻ وارا بڻجي وياسين ته اِنْ شَآءَ الله اسان لاءِ ثوابِ جاريه جا ڍير لڳي ويندا. الحمدلله! دعوتِ اسلامي جا بيشمار مبلغ تيار ٿي دنيا ڀر ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن، مون کي الله پاڪ جي رحمت ۾ اميد آهي ته ان جي فضل و ڪرم سان هن عظيم ڪم ۾ منهنجو حصو به شامل آهي ڇو ته الحمدلله مون به خوب انفرادي ڪوششون ڪيون آهن.

میں تو تنہا ہی چلا تھا جانبِ منزل مگر — اک ایک آتا گیا کارواں بنتا گیا

## مسلمان جي دلجوئي

اي عاشقانِ رسول! پنهنجو هي ذهن بڻائي ونو ته ڪنهن جي دل ناهي ٽوڙڻي بس سيني جي دلداري ڪرڻي آهي. ياد رهي! جيستائين شرعي مصلحت نه هجي ماڻهن جي دل خوش ڪندا رهو ۽ جتي شرعي مصلحت هجي يعني شريعت دلداري نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي اتي ڪنهن جو لحاظ نه ڪيو وڃي. ڪاش! اسان مسلمانن جي دلداري ڪرڻ سکي وٺون، انهن جي دل ٽوڙڻ، دڙڪا ڏيڻ ۽ بنا وجهه گهورڻ بند ڪري ڇڏيون. ياد رکو! ڪنهن کي گهوري ان جي دل ڏکائڻ به

گناھ آھي پر اڄڪلھ اھڙي طرح گھوريو ويندو آھي ڄڻ گھورڻ ڪو مسئلو ئي ناھي. اي ڪاش! اسان مومنن لاءِ نرم ۽ ڪشادگي وارا بڻجي وڃون! جڏھن اسان جي مجلس ۾ ڪو اچي تہ اسان ٿورو سِرڪي ان لاءِ ويھڻ جي جڳھ بنائڻ وارا بڻجي وڃون. اھڙي طرح ڪٿي اچڻ وڃڻ جو موقعو ملي تہ سفر دوران بس يا ٽرين ۾ پنھنجي سيٽ تي مزي سان ويھڻ بدران ڪنھن بيٺل مسلمان کي پنھنجي جڳھ پيش ڪري ڇڏيو تہ جيئن ڪجھ دير لاءِ ھو ويھي رھي ۽ ڪجھ دير لاءِ اوھان ويھي رھو، ائين ايثار ڪري مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪري سگھجي ٿي.

## دلجوئي جون مختلف صورتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن غور ڪيو وڃي تہ ڪيترن ئي طريقن سان مسلمان جي دل خوش ڪري سگھجي ٿي، مثلاً ڪڏھن ڪنھن کي تحفو ڏنو وڃي تہ ھي بہ دلداري جو ذريعو آھي. اھڙي طرح ڪنھن مسلمان مشورو گھريو تہ ان کي سنو مشورو ڏنو وڃي تہ ان سان بہ ان جي دل خوش ٿي ويندي. ائين ئي رشوت وغيره جھڙن ناجائز ذريعن کان بچندي ڪنھن مسلمان کي نوڪري وٺي ڏني تہ ائين ڪرڻ سان ان جي دل خوش ٿيندي ۽ ان جا گھر وارا نوڪري ڏيارڻ واري کي دعائون ڏيندا. اھڙي طرح پنھنجي ڪيسي مان ڪنھن اسلامي ڀاءُ کي سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي قافلن ۾ سفر ڪرايو وڃي تہ ائين ڪرڻ سان ان جي دل خوش ٿيندي ۽ ھو جيڪو ڪجھ قافلي مان سکي ايندو ان جو ثواب موڪلڻ واري کي بہ ملندو، گڏوگڏ جيڪڏھن قافلي ۾ سفر جي برڪت سان اھو اسلامي ڀاءُ دعوتِ

اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويو ته هاڻي ان ذريعي جيڪو به دين جو ڪم ٿيندو اِنْ شَآءَ الله قافلي ۾ موڪلڻ واري کي به ان جو ثواب ملندو.

مڪتبۃُالمدينہ جا ڪتاب ۽ رسالا به تحفي ۾ ڏئي سگهجن ٿا ته ان جون به وڏيون برڪتون آهن. ياد رکو! دل خوش ڪرڻ جا هي طريقا بظاهر تمام سستا آهن پر انهن جو آخرت ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيندو، جيئن ته

## مدني مذاڪري جي مدني بهار

پاڪستان ڪان باهر جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي مون (يعني اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ) مدني مذاڪري جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون پيش ڪيون، جڏهن هو پنج ٻڌي چڪو ته چوڻ لڳو: ”انهن ۾ ته سنا سنا طبي نسخا، شرعي معلومات، تاريخي معلومات ۽ فقهي سوالن جا جواب آهن، اوهان هي ڪيسٽون مون کي پهريان ڇو نه ڏنيون؟ هاڻي مان سڀ ڪيسٽون ٻڌندس.

هن مان هي به معلوم ٿيو ته اوهان مدني مذاڪرو ٻڌرائي به دل خوش ڪري سگهو ٿا.

اي عاشقانِ رسول! اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ماڻهن جي ڪيتري قدر دلجوئي فرمائيندا هئا، ان جو اندازو هن واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو، جيئن ته

## 20 سالن تائين نابينا رهيو

حضرتِ سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه نقل فرمائن ٿا ته هڪ نيڪ سيرت ڇوڪري جي هڪ ڇوڪريءَ سان مڱڻي ٿي، جيڪا تمام حسين ۽ خوبصورت هئي. اچانڪ ان ڇوڪريءَ کي ماتا (هڪ بيماري) جا داڻا نڪري آيا ۽ هوءَ بدصورت ٿي وئي. ان ڇوڪريءَ جا گهر وارا گهبرائجي ويا ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ ايتري ۾ ڇوڪريءَ جي گهر وارن کي خبر پهتي ته گهوٽ جي نظر آهستي آهستي ڪمزور ٿيڻ لڳي آهي ۽ پوءِ اطلاع آيو ته هو نابينا ٿي چڪو آهي. ڇوڪريءَ جا گهر وارا مطمئن ٿي ويا ته جيڪڏهن اسان جي ڇوڪريءَ کي بيماري لڳي وئي آهي ته ڇوڪرو به ته نابينا ٿي ويو آهي. پوءِ انهن ٻنهي جي شادي ٿي وئي ۽ 20 سالن تائين خوشي خوشي گهر هليو. 20 سالن کان پوءِ جڏهن ڇوڪريءَ جو انتقال ٿي ويو ته ان نابينا جون اکيون واپس اچي ويون، سڀ حيرت ۾ پئجي ويا ته ماجرو ڇا آهي؟ جڏهن کانئن پڇيو ويو ته انهن فرمايو: هن ڇوڪري کي ماتا جي بيماري لڳي وئي هئي ۽ سندس مائٽ مايوس ٿي ويا هئا انهي ڪري مون انهن جي دلداري خاطر 20 سالن تائين پاڻ کي انڌو ڪري رکيو ته جيئن انهن جي دل نه ٽٽي.( احياء العلوم ،127/3مفہوماً)

غور ڪريو! نيڪ سيرت گهوٽ دلجوئي خاطر 20 سالن تائين نابينا بڻجي رهيو جڏهن ته اسان معمولي ايثار ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون هوندا. اسان منو گهٽ ۽ ڪڙو وڏيڪ ڳالهائڻ وارا آهيون حالانڪ ائين نه ٿيڻ گهرجي. جتي اسان کي ايتريون راحتون ۽ نعمتون ميسر آهن اتي جيڪڏهن ڪڏهن ڪا تنگي يا آزمائش اچي وڃي ته صبر ۽

استقامت سان ڪم وٺندي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ناشڪري کان بچڻ گهرجي. ان ضمن ۾ هڪ سبق آموز واقعو پيشِ خدمت آهي، جيئن ته

## محمود و ايازؑ ونڱِي جي ڦار

منقول آهي ته مشهور عاشقِ رسول بادشاهہ سلطان محمود غزنوي رحمۃ الله علیه وٽ ڪو شخص ونڱي ڪٽي حاضر ٿيو. سلطان ونڱي قبول فرمائي ورتي ۽ پيش ڪندڙ کي انعام ڏنو. پوءِ پنهنجي هٿ سان ونڱي جي هڪ ڦار ڪٽي پنهنجي منظورِ نظر غلام اياز کي عطا ڪيائون. اياز مزي سان کائي ويو. پوءِ سلطان ٻي ڦار ڪٽي ۽ پاڻ کائڻ لڳو ته اها ايتري ڪَڙي هئي جو زبان تي رکڻ مشڪل هو. سلطان حيرت سان اياز ڏانهن ڏٺو ۽ فرمايو: اياز! ايتري ڪڙي ڦار تون ڪيئن کائي وئين؟ واهہ! تنهنجي چهري تي ته ذري برابر به ناگواري جا آثار ظاهر نه ٿيا؟ اياز عرض ڪيو: حضور! ونڱي واقعي تمام ڪڙي هئي، وات ۾ وڌم ته عقل چيو ته ٿُڪي ڇڏ، پر عشق چيو ته اياز خبردار! هي اهي ئي هٿ آهن جن کان روزانو مٺيون شيون کائيندو رهيو آهين، جيڪڏهن هڪ ڏينهن ڪڙي شيءِ ملي وئي ته ڇا ٿي پيو! ان کي ٿُڪي ڇڏڻ آدابِ محبت جي خلاف آهي، تنهنڪري عشق جي رهنمائي تي مان ونڱي جي ڪڙي ڦار کائي ويس.“ الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بغير حساب جي بخشش ٿئي. ( رہبرِ زندگی، ص 167)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! غلام پنهنجي آقا جي دلداري خاطر ونڱي جي ڪڙي ڦار کائي ويو جڏهن ته اسان جي صورتحال اها

آهي ته عمل ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي اسان کي دلجوئي بابت معلومات به ناهي هوندي. ٿي سگهي ٿو اهڙا واقعا ٻڌي اسان جي ذهن ۾ دلداري جي اهميت اجاگر ٿي وڃي ۽ يقين مڃيو جيڪڏهن اسان پنهنجي گهر، محلي ۽ جتي ڪاروبار ڪيون ٿا اتي جائز طريقي سان مسلمانن جي دلجوئي ڪرڻ، هڪٻئي سان مرڪي ملڻ، قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏيارڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارا بڻجي وياسين ته اِنْ شَآءَ الله اسان جو معاشرو تيزي سان سڌرندو ويندو. ياد رکو! ناجائز طريقي تي ڪنهن جي دلجوئي نه ڪئي ويندي، مثلاً جيڪڏهن پيءُ پنهنجي پٽ کي چوي ته فلاڻي جو کيسو ڪٽي اچ ته چاهي هاڻي پيءُ جي دل ٽٽي يا ڪليجو ڦاٽي پٽ پيءُ جي ڳالهه نه مڃي ڇو ته هي حرام ڪم آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي دل آزاري کان بچڻ ۽ ٻلائي سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ بخشش جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿو، جيئن ته

## ڀلائي سان ڳالهائڻ سبب بخشش

شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو، ان جي انتقال کان پوءِ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ توسان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: مون ڪڏهن ڪنهن کي ناراض نه ڪيو، هر هڪ کي خير سان ياد ڪيو ۽ ڀلائي سان ڳالهه ڪئي ته الله پاڪ ان عمل سبب مون کي خوش ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. (بوستان سعدی ،ص149ماخوذاً)

اي ڪاش! اسان بہ ماڻهن جون دليون خوش ڪيون تہ جيئن اللّٰه پاڪ اسان سان خوش ٿي وڃي ۽ جڏهن اللّٰه پاڪ خوش ٿيندو تہ اسان کي بہ خوشيون عطا فرمائيندو. جيڪڏهن اسان ماڻهن کي بنا وجهہ ناراض ڪنداسين تہ ٿي سگهي ٿو تہ اللّٰه پاڪ اسان کان ناراض ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن اللّٰه پاڪ اسان کان ناراض ٿي ويو تہ پوءِ اسان کي ان جي پڪڙ کان ڪو بہ نہ بچائي سگهندو، تنهنڪري اسان کي اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڪرڻو آهي. جڏهن اسان اهڙي طرح خوشي جو جهنڊو لهرائڻ، نفرتون مٽائڻ ۽ محبتن کي پکيڙڻ جو ڪم شروع ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه اهو ڏينهن پري ناهي تہ هر طرف سنتن جون بهارون اچي وينديون، قافلن جون قطارون لڳي وينديون ۽ هر طرف نيڪ عملن جون ڌومون مچي وينديون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو مدني مقصد بہ اهو ئي آهي تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه“. تنهنڪري ان مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو ۽ روزانو نيڪ عملن جو رسالو پر ڪري هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻائي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰه ان جي برڪت سان اوهان نيڪ ۽ پرهيزگار بڻجي معاشري ۾ ابرندؤ. جيئن تہ نيڪ عملن تي عمل ڪندڙ اللّٰه پاڪ جي ڪرم سان نيڪ ۽ پرهيزگار بڻجي ويندو آهي تنهنڪري شيطان اوهان کي نيڪ عملن جو رسالو نہ تہ خريد ڪرڻ ڏيندو ۽ نہ ئي پڙهڻ ڏيندو. چاهي اوهان جو عمل 12

نيڪ عملن تي هجي اوهان عمل جاري رکو اِنْ شَآءَ اللّٰه آهستي آهستي اوهان جو 72 نيڪ عملن تي بہ عمل ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net